قرآني بيان

عَلَيْهِ السَّلَام

# حضرت آدم جي علم جي

# وُسعت

(سيپارو: 1، سوره بقرة: 31، 32، 33)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

5 ڊسمبر، 2025ء
( متوقع اسلامي تاريخ: 12جمادي الأخرىٰ 1447ھ)
جمعة المبارڪ جو



**مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 5 ڊسمبر، 2025ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 12 جمادي الاُخريٰ 1447ھ) جمعة المبارڪ جو**

**قرآني بيان**

**بنام**

(سيپارو: 1، سوره بقرة: 31_32_33)

# حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي علم جي وُسْعت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... علمِ مصطفيٰ جي وُسعت
- ✿... شيطان ۽ انبياء جو علم
- ✿... علمِ دين ئي سکڻ ڇو ضروري آهي؟
- ✿... دعوتِ اسلامي ۽ فروغِ علمِ دين

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)
FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786
GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اِذَا نَسِيْتُمْ شَيْئًا فَصَلُّوْا عَلَيَّ تُذَكِّرُوْهُ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ تَعَالٰى جڏهن توهان ڪجهه وساري ويهو ته مون تي درود پڙهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! وساريل شيءِ ياد اچي ويندي.[1]

الله پاڪ اسان کي به گهڻو درود شريف پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اسان ڪيترائي ڀيرا شيون وساري ويهندا آهيون، چاٻيون، پئسا، ضروري ڪاغذ وغيره ڪٿي رکي وساري ڇڏيندا آهيون،

ڪڏهن ڪڏهن ته ڳالهائيندي ڳالهائيندي به وساري ويهندا آهيون ته اڳتي ڇا ڳالهائڻو آهي، تمام گهڻو ڪجهه وساريندا رهندا آهيون، جڏهن به اهڙو ڪو مُعاملو ٿئي، فوراً درود شريف پڙهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! وساريل شيءِ ياد اچي ويندي. هڪ بزرگ تي گذريا آهن: قاضِي محمد سلطان عالَم مِيرپُوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سندن خدمت ۾ عُلماء حاضر ٿيندا هئا، دِيني مسائِل تي گفتگو ٿيندي هئي، ڪڏهن ڪو مسئلو ڪتاب مان ڏسڻو هوندو هو ته پاڻ ڪنهن کي فرمائيندا هئا: فُلاڻي ڪتاب مان اهو مسئلو ڳولهيو! ڪڏهن ڪافي تلاش

1...القول البديع، الباب الخامس في الصلاة عليه...الخ، الصلاة عليه لمن نسي شيئاً، صفحه:227۔

ڪرڻ ڪان پوءِ بہ اهو مسئلو نہ ملندو هو تہ پاڻ ڪتاب بند ڪري هٿ ۾ پڪڙيندا هئا، پوءِ درود شريف پڙهي ڪتاب کوليندا هئا تہ اهو ئي مسئلو نڪرندو هو، جنهن جي ڳولا هوندي هئي.[1]

مشکل جو سَر پہ آپڑی، تیرے ہی نام سے ٹلی | مشکل کشا ہے تیرا نام، تم پر درود اور سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَ عَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَى الْمَلٰٓىٕكَةِ ۙ فَقَالَ اَنْۢبِـُٔوْنِیْ بِاَسْمَآءِ هٰۤؤُلَآءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ (۳۱) قَالُوْا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَاۤ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِیْمُ الْحَكِیْمُ (۳۲) قَالَ یٰۤاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ بِاَسْمَآىٕهِمْ ۚ فَلَمَّاۤ اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَآىٕهِمْ ۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّیْۤ اَعْلَمُ غَیْبَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۙ وَ اَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَ مَا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ (۳۳)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى الله عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ الله پاڪ آدم کي سڀني شين جا نالا سيکاري ڇڏيا پوءِ انهن سڀني شين کي ملائڪن جي اڳيان پيش ڪري فرمايائين: جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ انهن جا نالا ٻڌايو (ملائڪن) عرض ڪيو: (اي الله!) تون پاڪ آهين، اسان کي تہ صرف ايترو علم آهي جيترو تو اسان کي سيکاريو، بيشڪ تون ئي علم وارو، حڪمت وارو آهين (پوءِ الله) فرمايو: اي آدم! تون انهن کي انهن شين جا نالا ٻڌاءِ، پوءِ جڏهن آدم انهن کي شين جا نالا ٻڌائي ڇڏيا، تہ (الله) فرمايو: (اي ملائڪو!) ڇا مون توهان کي نہ چيو هو تہ مان آسمان ۽ زمين جي سڀني لڪيل شين کي ڄاڻان ٿو ۽ مان ڄاڻان ٿو جيڪو توهان ظاهر ڪيو ٿا ۽ جيڪو توهان لڪايو ٿا.

---

1... آبِ کوثر، صفحہ:54۔

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سورت بقره جون 3 آيتون (آيت: 31، 32 ۽ 33) ۽ انهن جو ترجمو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. انهن مبارڪ آيتن ۾ انسان جي اَشْرَفُ الْمَخْلُوْقَات (يعني اللّٰه پاڪ جي سمورن مخلوقن ۾ سڀني تي فوقيت رکندڙ) ۽ منصبِ خِلافت (اللّٰه پاڪ جا احڪام زمين ۾ نافذ ڪرڻ) جو حقدار هئڻ جو هڪ سبب بيان ڪيو پيو وڃي. اچو! ڀرپائين انهن مبارڪ آيتن جو خلاصو ٻڌون ٿا، پوءِ انهن مان ملندڙ سبق ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

## مبارڪ آيتُن جو خلاصو

گذريل جمعي تي اسان ٻڌو هو ته اللّٰه پاڪ حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جي تخليق کان پهرين فِرشتن کي فرمايو ته مان زمين تي پنهنجو خليفو بڻائڻ وارو آهيان. ان تي فِرشتن عرض ڪيو: اي مالِڪِ ڪريم! ڇا اهڙي کي خليفو بڻايو ويندو جيڪو زمين ۾ فساد ڦهلائيندو، رت وهائيندو جڏهن ته اسين تنهنجي پاڪي بيان ڪندا آهيون، تنهنجي حمد و ثنا ڪندا آهيون. اللّٰه پاڪ فرمايو:

اِنِّیْۤ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۰﴾
(سيپارو: 1، البقرة: 30)

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ مان اهو ڄاڻان ٿو جيڪو توهان نه ٿا ڄاڻو.

هي هڪ جواب جيڪو اللّٰه پاڪ مختصر طور تي فرشتن کي ارشاد فرمايو هو، ان جي تفصيل ۽ وضاحت ائين ڪئي وئي ته اللّٰه پاڪ حضرت آدَم عَلَیْہِ السَّلَام جي تخليق فرمائي ۽ کين عِلْمُ الْاَسْمَاء (يعني نالن جو عِلم) عطا فرمايو، پوءِ اهي سڀ شيون جن جا نالا حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام کي سيکاريا ويا هئا، اهي فرشتن جي سامهون ڪيون ويون ۽ حڪم ٿيو: اي فرشتو! اوهان انهن جا نالا ٻڌايو! فرشتا ڇوته انهن شين جا نالا نه ڄاڻندا هئا، تنهنڪري اُنهن عاجزيءَ سان عرض ڪيو: اي رَبّ ڪريم! تون پاڪ آهين، اسان ته صِرَف اوترو ئي

ڄاڻون ٿا، جيترو تو سيکاريو. هاڻي اللّٰه پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو: اي آدم! توهان انهن شين جا نالا ٻڌايو! حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام اُنهن سمورين شين جا نالا ٻڌائي ڇڏيا! ان تي اللّٰه پاڪ فرمايو: اي فرشتو! ڇا مون نہ فرمايو هو تہ مان اهو بہ ڄاڻان ٿو جيڪو توهان ظاهِر ڪريو ٿا ۽ اهو بہ ڄاڻان ٿو جيڪو توهان لڪايو ٿا.

هي انهن آيتن جو مضمون آهي، هاڻي اچو! آيتون ۽ انهن جو ترجمو پڙهون ٿا، ارشاد ٿيو:

وَ عَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَى الْمَلٰٓىٕكَةِ ۙ فَقَالَ اَنْۢبِـُٔوْنِیْ بِاَسْمَآءِ هٰۤؤُلَآءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ (۳۱) قَالُوْا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَاۤ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِیْمُ الْحَكِیْمُ (۳۲) قَالَ یٰۤاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ بِاَسْمَآىٕهِمْ ۚ فَلَمَّاۤ اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَآىٕهِمْ ۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّیْۤ اَعْلَمُ غَیْبَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۙ وَ اَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَ مَا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ (۳۳)

(سيپارو: 1، البقرة: 31_ 33)

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ اللّٰه پاڪ آدم کي سيني شين جا نالا سيکاري ڇڏيا پوءِ انهن سيني شين کي ملائڪن جي اڳيان پيش ڪري فرمايائين: جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ انهن جا نالا ٻڌايو (ملائڪن) عرض ڪيو: (اي اللّٰه!) تون پاڪ آهين، اسان کي تہ صرف ايترو علم آهي جيترو تو اسان کي سيکاريو، بيشڪ تون ئي علم وارو، حڪمت وارو آهين (پوءِ اللّٰه) فرمايو: اي آدم! تون انهن کي انهن شين جا نالا ٻڌاءِ، پوءِ جڏهن آدم انهن کي شين جا نالا ٻڌائي ڇڏيا، تہ (اللّٰه) فرمايو: (اي ملائڪو!) ڇا مون توهان کي نہ چيو هو تہ مان آسمان ۽ زمين جي سيني لڪيل شين کي ڄاڻان ٿو ۽ مان ڄاڻان ٿو جيڪو توهان ظاهر ڪيو ٿا ۽ جيڪو توهان لڪايو ٿا.

# مبارڪ آيتُن مان ملندڙ سبق

## حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي عِلم جي وُسعت

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ جي روشني ۾ سڀ ڪان پهريان تہ حضرت آدَم عَلَيۡهِ السَّلَام جي عِلم جي وُسعت تي غور فرمايو! اللّٰہ پاڪ ڪين ڪهڙو بي مِثال ۽ باڪمال عِلم عطا فرمايو هو:

| | |
|---|---|
| وَعَلَّمَ اٰدَمَ الۡاَسۡمَآءَ كُلَّهَا (سيپارو: 1، البقرة: 31) | ترجموڪنزُ العرفان: ۽ اللّٰہ پاڪ آدم کي سيني شين جا نالا سيکاري ڇڏيا |

اَسۡمَاءِ اِسۡم جي جمع آهي، ان جي معنيٰ هوندي آهي: علامت، سڃاڻپ، نالو. (1)

يعني اللّٰہ پاڪ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي نالا ٻڌايا. ڪهڙي شيءِ جا؟ فرمايو:

كُلَّهَا

يعني هر شيءِ جا نالا ۽ انهن جي سڃاڻپ ٻڌائي. رُوۡحُ الۡبَيَان ۾ علامہ اِسماعيل حَقّي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن لفظ كُلَّهَا جي وضاحت ڪندي فرمايو: آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سيني فَرشتن جا، قيامت تائين ايندڙ انهن جي سمورن اَولادن جا، سمورن حيوانن (يعني جانورن)، جمادات (يعني بي جان شين)، پکين، چوپاين ۽ هر اهي جاندار جيڪي قيامت تائين پيدا ٿيڻ وارا هئا، انهن سيني جا نالا، سمورن شهرن ۽ ڳوٺن جا نالا، هر فصل، پن، جنّت جي هر هڪ نعمت بلڪ ائين چئو تہ هر ننڍي وڏي شيءِ، ايتري تائين جو پيالو، ڏال ۽ ڪير ڪڍڻ واري ٿانوَ جو نالو بہ کين ٻڌايو ويو هو. (2)

---

1... تفسير نعيمى، پاره:1، البقرة، زير آيت:31،جلد:1، صفحہ:271۔

2... تفسير روح البيان، پاره:1، سورة البقرة، زير آيت:31، جلد:1، صفحہ:100 خلاصةً، دار احياء التراث۔

اللّٰه! اللّٰه! ڇا تہ علمي شان آهي...!! هن عِلْمُ الْاَسْمَاءِ جي وڌيڪ وضاحت پڙهو! حڪيمُ الاُمّت مفتي اَحمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: دُنيا ۾ اَوَّل کان آخرت تائين لکين ٻوليون ڳالهايون ويون ۽ هر ٻوليءَ جا اکر ۽ لفظ الڳ الڳ آهن، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ دُنيا ۾ ڪروڙين شيون آهن ۽ هر شيءِ جون لکين صِفتون ۽ هر صِفَت جا لکين نالا، پوءِ نالي جي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جا لکين طريقا آهن مثال طور پاڻي کي اُردو ۾ پاني، فارسي ۾ آب، عربي ۾ مَاءٌ، هندي ۾ جَل، انگريزي ۾ واٽر ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙي ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڇا ڇا چوندا هوندا؟ پوءِ هن پاڻيءَ جون هزارين حالتون ۽ قِسم آهن، مثال طور ٿڌو، گرم، صاف، ميرو، کارو، منو، ڳرو، هلڪو، ٿلهو، سَنهو، اڇو، ڪارو وغيره (مختلف ٻولين ۾ انهن سيني حالتن جا الڳ الڳ نالا آهن) اهي سڀ عُلُوم حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي ڏنا ويا.(1) ۽ عالمن لکيو تہ آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي 7 لک ٻولين جو عِلم ڏنو ويو ۽ پاڻ هڪ هزار پيشن ۾ تمام ماهِر هئا.(2)

اللّٰهُ اڪبر! ٿورو خيال تہ ڪريو تہ هن عِلم جي ڪا حَدْ بہ آهي...!! امام رازي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن عِلْمُ الْاَسْمَاءِ جي وُسعت تان وڌيڪ پردو کنيو ڪيو، پاڻ فرمائن ٿا: اَسْمَاء اِسْم جي جمع آهي ۽ اِسْم جي هڪ معنيٰ سڃاڻپ بہ هوندي آهي، هاڻي مطلب اهو ٿيندو تہ اللّٰه پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سمورين شين جي حقيقتن جو بہ عِلم ڏنو.(3) مثال طور پاڻيءَ جو فارمولو ڇا آهي؟ $H_2O$ يعني 2 حِصّا هائيڊروجن ۽ هڪ حِصّو آڪسيجن هجي تہ پاڻي نهندو آهي، هي پاڻي جي حقيقت آهي، اهڙي طرح هر شيءِ جي حقيقت، ان جي خاصيت مثال طور پاڻيءَ جا ڪهڙا ڪهڙا طبّي فائدا آهن؟ ڪهڙا ڪهڙا نقصان آهن؟ ڪهڙي جَڙي ٻوٽي ڪهڙي ڪم جي لاءِ آهي؟ ڪهڙي شيءِ جو

---

1... تفسير نعيمى، پاره:1، البقرة، زير آيت:31،جلد:1، صفحہ:230۔ مكتبہ اسلاميہ

2... تفسير روح البيان، پاره:1، سورة البقرة، زير آيت:31، جلد:1، صفحہ:100 ملتقطًا، دار احياء التراث۔

3... تفسير كبير، پاره:1،البقرة، زير آيت:31، جلد:2، صفحہ:192 خلاصةً۔دارالفكر بيروت۔

نفعو ڇا آهي؟ نقصان ڇا آهي؟ انهن سيني ڳالهين جو عِلم اللّٰه پاڪ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سيکاري ڇڏيو هو.

حق نے عِلمِ اَسما دیا | جو نہ ملائِک کو بخشا
وہ مَلَکہ فرمایا عطا | ان پر اُن کو غلبہ دیا

لَا اِلٰهَ اِلَّا الله اٰمَنَّا بِرَسُوْلِ الله (1)

آدم کو شرف ایسا مِلا | آدمی اشرفِ خلق ہوا
اُن کو خلیفہ حق نے کیا | تاجِ کرامت سَر پہ رکھا

## عِلمِ مُصطفيٰ جي وُسعت

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تہ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي عِلم جي وُسعت آهي، هاڻي ٿورو حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي بہ آقا، سَيِّدُ الْاَنْبِيَا، اِمامُ الانبيا، سَيِّدُنا، مولانا مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عِلم جو ڪمال بہ ڏسو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عُلِّمْتُ الْاَسْمَاءَ كُلَّهَا كَمَا عُلِّمَ آدَمُ الْاَسْمَاءَ كُلَّهَا يعني جيئن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي سمورن نالن جو عِلم ڏنو ويو هو، اهڙي طرح مون کي بہ سمورن نالن جو عِلم ڏنو ويو آهي.(2)

نُورِ عِلْم و حکمت والے، نافِذ جاری حکومت والے
رَبّ کی اعلیٰ خِلافت والے تم پر لاکھوں سلام

هي تہ عِلْمُ الْاَسْمَاءِ جي ڳالهہ آهي، رَبّ ڪائنات پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عِلم جي متعلق فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ط (سيپارو: 5، النساء: 113) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اوهان کي اهو ڪجهہ سيکاري ڇڏيو جيڪو اوهان نہ ڄاڻيندا هُيَؤ |

1... سامانِ بخشش، صفحہ:44۔

2... مسند الفردوس، باب الميم، جلد:4 ، صفحہ:166، حديث:6519۔دار الكتب العلميہ۔

ان ۾ نہ نالي جو ذِڪر، نہ اڪرن جو بلڪ مُطلَق (بغير ڪنهن قيد ۽ بند جي) فرمايو: اي محبوب! توهان جيڪو ڪجهہ نٿا ڄاڻو، اسان اوهان کي سيکاري ڇڏيو. سُبْحٰنَ الله! اهو عِلْمُ الْاَسْمَاء ( جيڪو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي ڏنو ويو هو، اهو) تہ اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي درياءِ عِلم جو هڪ قطرو آهي،[1] جڏهن هن عِلم جي هيءَ شان آهي تہ ان جي وسعت جو اندازو نٿو ٿي سگهي تہ عِلمِ مُصطفيٰ جي وُسعت جو عالَم ڇا هوندو؟ امام بُوصِيرِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

لَكَ ذَاتُ الْعُلُوْمِ مِنْ عَالَمِ الْغَيْبِ | وَ مِنْهَا لِاٰدَمَ الْاَسْمَاءُ ( 2 )

**مفهوم:** اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان کي عالَمِ غيب مان بيشمار عِلمَ عطا ڪيا ويا، اهو عِلْمُ الْاَسْمَاءِ جيڪو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي ڏنو ويو هو، اوهان جي بيشمار عُلُومن مان هڪ عِلم آهي.

عالَم کی خبر رکھتے ہیں گر وہ تو عجب کیا | بھیجا ہے خُدا نے انہیں ہر عِلْم سکھا کر
تعلیم دی اِک نام کو جبریلِ امیں نے | عالِم کیا اللہ نے خُود ان کو پڑھا کر ( 3 )

## شيطان ۽ عِلمِ انبياء

ڪجهہ ماڻهن کي اهو وهم ٿيو هو تہ شيطان جي معلومات پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عِلم کان وڌيڪ آهي، مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انهن جي هن وهم جي ڪاٽ ڪندي لکن ٿا: اهو جيڪو معاملو ٿيو تہ الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي عِلْمُ الْاَسْمَاءِ سيکاريو، پوءِ اهي سموريون شيون فرشتن جي سامهون آڻي فرمايو: اي فرشتو! انهن جا نالا ٻڌايو! هي معاملو شيطان لعِين جي مردُود ٿيڻ کان اڳ جو آهي، يعني فرشتن جي ان جماعت ۾ شيطان بہ موجود هو، اهو سُوال

---

1... تفسير نعيمی، پاره:1، البقرة، زير آيت:31،جلد:1، صفحہ:230 خلاصةً۔ مكتبہ اسلاميہ

2... ديوان بوصيرى، قافية الهمزة، صفحہ:9۔ دارالكتب العلميہ

3... قبالہ بخشش، صفحہ:139۔

شيطان کان بہ ٿيو هو ۽ شيطان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان حسد بہ ڪندو هو، جيڪڏهن شيطان جو عِلم حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي عِلم کان وڌيڪ هجي ها تہ شيطان ضرور انهن شين جا نالا ٻڌائي ڇڏي ها پر حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي سامهون ان جو عِلم تمام ڪمزور هو، ان ڪري هو انهن شين جا نالا نہ ٻڌائي سگهيو. هاڻي ٿورو غور فرمايو! جڏهن شيطان جو عِلم حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي عِلم کان بہ گهٽ آهي تہ امامُ الانبياء مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عِلم کان ڪيئن وڌي سگهي ٿو.[1]

يقيناً عِلمِ مُصطفيٰ اهو ڪمال ۽ بي مثال عِلم آهي جنهن جي حد سڃاڻڻ پانهن جي وس جي ڳالهہ ناهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عِلمِ دين جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قرآني آيتون ٻڌيون، انهن ۾ سڀ کان اَهَم ڳالهہ جيڪا سکڻ جي آهي، اها هيءَ تہ فرشتن جو سُوال هو تہ آخر انسان منصبِ خِلافت جو حقدار ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ان جي جواب ۾ الله پاڪ انهن کي ٻڌايو نہ بلڪ ڏيکاريو تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام چو تہ انهن کان عِلم ۾ فوقيت رکن ٿا، انهن جو عِلم فرشتن جي عِلم کان وڌيڪ آهي، تنهنڪري آدم عَلَيْهِ السَّلَام منصبِ خِلافت جا حقدار آهن، جڏهن فرشتن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو علمي مقام و مرتبو ڏسي ورتو، تڏهن کين حڪم ٿيو تہ هاڻي کين سجدو ڪريو! پوءِ فرشتن کين سجدو ڪيو ۽ عملي طَور تي سندن تعظيم ڪري سندن خِلافت کي تسليم ڪري ورتو.

هاڻي هتان کان اسان کي عِلم جي فضيلت معلوم ٿئي ٿي ۽ اها خبر پئي ٿي تہ انسان کي جيڪي خوبيون ڏنيون ويون آهن، کيس اَشْرَفُ الْمَخْلُوْقَات بڻايو

---

1... تفسير نعيمی، پاره:1، البقرة، زير آيت:31،جلد:1، صفحہ:240 خلاصۃً۔مکتبہ اسلاميہ

ويو آهي، انهن ۾ جيڪا بنيادي خوبي آهي جيڪا اَصل ۾ انسان کي اَشْرَفُ الْمَخْلُوْقَات ۽ منصبِ خِلافت جو حقدار بڻائي ٿي، اها عِلم آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي ته اسان به ضرور بالضرور عِلم ڏين سکون.

## عُلَماء ئي انبياء جا وارث هوندا آهن

شيخ ابن عربي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: انسان 2 قِسم جا آهن: (1): هڪ ته انسان اهو آهي جنهن کي حيوانِ ناطِق (يعني ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ وارو جاندار) چوندا آهن، هر اهو شخص جيڪو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي اَولاد مان آهي، اهو حيوانِ ناطق آهي (2): ٻيو هوندو آهي انسانِ ڪامِل، اهو اَصل ۾ اهو آهي جيڪو خِلافت جو حقدار آهي، جنهن کي اَشْرَفُ الْمَخْلُوْقَات چيو ويو آهي، اهو ئي اَصل ۾ انسان آهي.

۽ اهو اِنسانِ ڪامِل هوندو ڪير آهي؟ فرمائن ٿا: ڪامِل ترين انسان انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام آهن، پوءِ انهن کان بعد اهي انسان ڪمال تائين پهچندا آهن جيڪي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا وارِث هوندا آهن.[1] انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا وارِث ڪير آهن؟ وڏي مشهور حديثِ پاڪ آهي، رسولِ ذيشان، مکي مَدَني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اِنَّ الْعُلَمَاءَ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ، اِنَّ الْاَنْبِيَاءَ لَمْ يُوَرِّثُوا دِيْنَارًا وَلَا دِرْهَمًا اِنَّمَا وَرَّثُوا الْعِلْمَ بيشڪ علماء انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا وارث آهن، بلاشبہ انبيا عَلَيْهِمُ السَّلَام وراثت ۾ دِرهم و دينار نه صِرف ۽ صِرف عِلم ڇڏيندا آهن.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مان خبر پئي ته اَصل ۾ انسانِ ڪامِل، اهو انسان آهي جيڪو خِلافت جو حقدار آهي، اَشْرَفُ الْمَخْلُوْقَات آهي، اهو ئي آهي جيڪو صاحِبِ عِلم آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي ته اسان عِلمِ دين سکون، ان تي عَمَل به ڪريون ۽ ٻين کي به سيکاريون ته جيئن پنهنجي اَصل منصب جا حقدار ٿي سگهون.

---

1... الانسان الکامل، صفحہ:9، 10 خلاصةً۔

2... ترمذی، ابواب العلم، باب ما جاء فی فضل الفقہ علی العبادة، صفحہ:631، حدیث:2682۔

## عُلَماءِ ڪرام جا درجا بلند ڪيا ويندا آهن

سيپارو: 28، سُوۡرَةُ الۡمُجَادلة، آيت: 11 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

يَرۡفَعِ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ ۙ وَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡعِلۡمَ دَرَجٰتٍ ؕ (سيپارو: 28، المجادلة: 11)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ الله توهان مان ايمان وارن جا ۽ انهن جا درجا بلند فرمائيندو آهي جن کي علم ڏنو ويو

صحابيءِ رسول، سُلطانُ الۡمُفَسّرِيۡنَ، حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: عُلَماءِ ڪرام عام مومنن کان 700 درجا بلند هوندا ۽ انهن جي هر 2 درجن جي وچ ۾ 500 سالن جي مَسافَت (يعني فاصلو) هوندو. (1)

## 72 صديقن جو ثواب

حضرت اُمامہ بَاهِلِي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو عِلمِ (دِين) سکندي ۽ عِبادت ڪندي وڏو ٿيو ۽ وڏو ٿي بہ اهڙي حالت ۾ رهيو، تہ الله پاڪ قيامت واري ڏينهن ان کي 72 صِدِّيقن جو ثواب عطا فرمائيندو. (2)

## علمِ دين سکڻ ڇو ضروري آهي؟

حضرت معاذ بن جبل رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: علم حاصل ڪيو! ڇو تہ ۞ الله پاڪ جي رضا لاءِ علم سکڻ خوفِ خدا آهي ۞ علم جي تلاش عبادت آهي ۞ علم جي تڪرار ڪرڻ (يعني سبق ياد ڪرڻ لاءِ بار بار پڙهڻ) تسبيح آهي ۞ بي علم کي علم سيکارڻ صدقو آهي ۞ علم کي ان جي اهل تي خرچ ڪرڻ نيڪي آهي ۞ علم حلال و حرام جي سڃاڻپ جو ذريعو آهي ۞ علم اهلِ جنت جي رستي جو نشان

---

1...قوت القلوب، جلد:1، صفحہ:241۔

2...معجم الكبير، مكحول الشامی عن ابی امامہ، جلد:8، صفحہ:129، حديث:7590۔ داراحياء التراث۔

آهي ۞ علم باعثِ راحت آهي ۞ علم رفيقِ سفر آهي ۞ علم اڪيلائي جو ساٿي آهي ۞ علم تنگدستي ۾ خوشحالي ۾ رهنما آهي ۞ علم دشمنن جي مقابلي ۾ هٿيار آهي ۞ علم دوستن جي ويجهو زينت آهي ۞ الله پاڪ علم جي ذريعي قومن کي بلندي عطا فرمائيندو آهي ۞ الله پاڪ علم جي ذريعي قومن کي امام بنائيندو آهي، پوءِ انهن جي پيروي ڪئي ويندي آهي ۞ علما جي راءِ کي حرفِ آخر سمجهيو ويندو آهي ۞ ملائڪ علما جي دوستي ۾ رغبت ڪندا آهن ۞ علماء لاءِ هر خشڪ ۽ تَر، ايتري تائين جو سمنڊ جون مڇيون ۽ خشڪي جا جانور، سڀ دعاءِ مغفرت ڪندا آهن ۞ علم دل جي زندگي آهي ۞ علم اونداهي ۾ اکين جو نور آهي ۞ علم جي ذريعي ٻانهو اولياءِ ڪرام جي منزلن کي ماڻي وٺندو آهي ۞ علم عمل جو امام آهي ۞ عمل علم جي تابع آهي ۞ خوش نصيبن جي دل ۾ علم وِڌو ويندو آهي ۞ جڏهن ته بدبختن کي علم کان محروم ڪيو ويندو آهي.(1)

## علمِ دين ئي سکڻ ڇو ضروري آهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! عام طور تي جڏهن علم جي ڳالهه ٿيندي آهي ته ڪجهه ماڻهو چوندا آهن ته آخر علمِ دين سکڻ ئي ڇو ضروري آهي، دنياوي علم به ته علم ئي آهي، پوءِ علم سان دين جي قيد ڇو لڳائي ويندي آهي؟ ان جي جواب ۾ عرض هي آهي ته هي قيد ڪنهن ٻئي نه بلڪ الله پاڪ ئي لڳائي آهي، سيپارو: 21، سورت روم ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَعْدَ اللّٰهِ ؕ لَا یُخْلِفُ اللّٰهُ وَعْدَهٗ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۶﴾ یَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا مِّنَ الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا ۚۖ وَ هُمْ عَنِ الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿۷﴾ (سيپارو: 21، الروم: 6_7)

ترجمو ڪنزُالعرفان: پر گهڻا ماڻهو ڄاڻن نٿا اکين جي آڏو جي دنياوي زندگي کي ڄاڻن ٿا ۽ اهي آخرت کان بلڪل غافل آهن.

1...الترغيب والترهيب، ڪتاب العلم، صفحه:42و43، حديث:8 ملتقطاً.

هن آيتِ ڪريمه جي تفسير ۾ علامه نسفي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هتي اللّٰه پاڪ جهالت جون 2 قِسمون ارشاد فرمايون آهن: (1): هڪ جهالت هي آهي ته ٻانهو ڪجهه سڃاڻي ئي نه، جيئن اسان وٽ تمام گهڻا ماڻهو بلڪل اڻ پڙهيل هوندا آهن، انهن کي پنهنجو نالو به لکڻ ناهي ايندو آهي (2): جهالت جي ٻي قِسم هي آهي:

يَعۡلَمُوۡنَ ظَاهِرًا مِّنَ الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ۚۖ وَهُمۡ عَنِ الۡاٰخِرَةِ هُمۡ غٰفِلُوۡنَ ﴿۷﴾

يعني اهو شخص جيڪو ظاهر دنياوي معلومات ته تمام گهڻي رکي ٿو پر آخرت کان بلڪل غافل آهي، ان کي جيتوڻيڪ اڻ پڙهيل نه به چيو ويندو هجي، البت اهو به جاهل آهي.[1]

هاڻي ڏسو! جيترا دنياوي علوم آهن، اهي اسان کي صرف ظاهري دنيا جو حال ٻڌائيندا آهن، مثلاً ۞رياضي ۾ اسان کي ڪيلڪوليشن سيکاري ويندي آهي ۞ فزڪس (يعني طبيعيات) ماده (Matter) بابت معلومات ڏيندو آهي، مثلاً ڪو جسم حرڪت ڪيئن ڪندو آهي، رڪجندو ڪيئن آهي؟ ان جون خصوصيات ڇا آهن؟ وغيره ۞اهڙي طرح بائيولوجي آهي، ان ۾ جاندارن بابت معلومات هوندي آهي ۞ ارضيات، فلڪيات، بينڪنگ، انجنيئرنگ وغيره وغيره جيترا علوم آهن، انهن سڀني ۾ ظاهري دنيا جي معلومات آهي. آخرت جي معلومات: مثلاً ۞اللّٰه پاڪ جي سڃاڻپ ۞رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۞جنت و دوزخ ۞قيامت جي معلومات ۞ آخرت ۾ ڪهڙي شيءِ نقصان ڏيندڙ آهي ۞ڪهڙي شيءِ نفعو ڏيندي ۞آخرت ۾ نجات جو دار و مدار ڪهڙي ڳالهه تي آهي؟ ۞ ايمان ڇا آهي؟ ۞نيڪي ڇا کي چئبو آهي؟ ۞ باطني بيماريون ڇا آهن؟ ۞ انهن جا علاج ڇا آهن؟ وغيره وغيره هي سڀ معلومات اسان کي ڪتان ملندي آهي؟ قرآنِ

---

1... تفسير مدارڪ، پاره:21، الروم، زير آيت:7، جلد:2، صفحه: 691 خلاصةً۔دارالکلم الطيب بيروت۔

ڪريم کان، حديثن کان، علماءِ دين جي لکيل ڪتابن کان ملندي آهي ۽ ان کي ئي علمِ دين چيو ويندو آهي.

تنهنڪري ضرورتًا دنياوي علوم پڙهڻ جيتوڻيڪ جائز آهي پر اُخروي لحاظ کان فضيلت صرف علمِ دين جي ئي آهي.

## علم جي برڪت سان بااخلاق بڻجي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! علمِ دين خود به پڙهو! ۽ پنهنجي اولاد کي به علمِ دين جي طرف لڳايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جا تمام گهڻا فائدا حاصل ٿيندا، اللّٰه پاڪ چاهيو ته دنيا به سڌرندي، اخلاق سنا ٿيندا، ڪردار سترو ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قبر ۽ آخرت ۾ به ان جون برڪتون نصيب ٿينديون.

قصور (پنجاب، پاڪستان) جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان مان انتهائي بگڙيل اخلاق جو مالڪ هيس، اسڪول جي دوستن سان ملي ڪڏهن بس ڪنڊيڪٽر سان جهڳڙو ڪندا هئاسين ته ڪڏهن اسٽوڊنٽ سان. اسڪول جا سمورا ئي طالِبَ منهنجي انهن حرڪتن کان تنگ اچي چڪا هئا. هڪ ڀيرو هڪ اسلامي ڀاءُ منهنجي والد صاحب کي سفارش ڪئي ته پنهنجي پٽ کي دعوتِ اسلامي جي جامعةُ المدينه ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪجهه سالن کانپوءِ ئي توهان جو پٽ باعمل عالمِ دين بڻجي ايرندو ۽ پنهنجي اصلاح سان گڏوگڏ دنيا ڀر جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ وارو بڻجي ويندو. سڀ کان وڏيڪ هي ته آخرت ۾ توهان جي نجات جو ضامن هوندو. بس پوءِ ڇا هو، هنن فوري طور مون کي جامعةُ المدينه ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو. جامعةُ المدينه ۾ داخلا وٺڻ کان پوءِ منهنجي اخلاقيات ۾ ڏينهون ڏينهن بهتري اچڻ لڳي، وڙهڻ جهڳڙڻ کان بچندي پاڻ ۾ محبت سان رهڻ جو ذهن بڻجي ويو، نمازن جي پابندي سان گڏوگڏ علمِ دين جو خزانو

لئڻ جون سعادتون حاصل ٿيڻ لڳيون. ايئن علمِ دين جي برڪت سان هڪ بگڙيل شخص سڌري نيڪ نمازي بڻجي ويو.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم اِک اِک گھر میں مچ جائے دھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! میری جھولی بھر دے

پيارا اسلامي ڀائرو! هي علمِ دين جون برڪتون آهن، اسان کي بہ گهرجي تہ علمِ دين سکڻ وارا بڻجي وڃون. حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا عالمِ دين ۽ وڏا ڪامل ولي ٿي گذريا آهن، پاڻ فرمائن ٿا: علم سکو! مون کي خوف آهي تہ هي علم توهان کان نڪري غيرن وٽ هليو ويو (تہ توهان ذليل ٿي ويندا.) علم سکو! جو هي دنيا ۽ آخرت جي عزت آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو فرمان ڪيترو سچو آهي، پاڻ اڄ کان تقريباً ساڍا 13 سو سال پهريان فرمايو هو تہ علم دنيا ۽ آخرت جي عزت جو ذريعو آهي، جيڪڏهن هي علم توهان کان نڪري غيرن وٽ هليو ويو تہ توهان ذليل ٿي ويندا.

اڄ مسلمانن جي حالت کي ڏسو: علمِ دين کان دوري جي سبب ڪيتري ذلت ۽ رسوائي ڪٽڻي پئجي رهي آهي، جيستائين علمِ دين جو دور دورو هو، سيني کي پنهنجي ذميدارين جو احساس هو ۽ سڀ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف رهندا هئا. جڏهن کان مسلمان علمِ دين کان دور ٿيا آهن، آهستي آهستي سمورن شعبن ۾ غفلت جي لپيٽ ۾ ايندا ويا ۽ آخر ان ذلت جو منهن ڏسڻو پيو، جنهن کي هر هڪ اڄ پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهي.

ان جو علاج يعني ٻيهر عزت بحال ڪرڻ جو هڪ ئي طريقو آهي، اسان ٻيهر علمِ دين سکون، پنهنجن ٻارن کي علمِ دين سيکاريون، علمِ دين جي

1... حلية الاولياء، جلد:6، صفحه:407، رقم:9151 ملتقطًا۔

محبت دل ۾ ويهاريون. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي ۾ فروغ علمِ دين

اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جا تمام گهڻا شعبا آهن جيڪي معاشري ۾ علم جو نور ورهائڻ ۾ مصروف آهن مثلاً ۞ دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو آهي: مدرسۃ المدينہ (بوائز/ گرلز): هتي ٻارن ۽ ٻارڙين کي صحيح تلفظ سان قرآنِ ڪريم حفظ و ناظره جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ مدرسۃُالمدينہ اسپيشل پرسنز بہ هلي رهيا آهن، جن ۾ نابين ماڻهن کي قرآنِ ڪريم (حفظ و ناظره) جي تعليم ڏني ويندي آهي ۞ دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو آهي: مدرسۃُ المدينہ بالغان و بالغات: هتي وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي درست تلفظ سان قرآنِ پاڪ جي تعليم ڏني ويندي آهي ۞ اهڙي طرح جامعۃُ المدينہ (بوائز/ گرلز): هتي طلباءَ ۽ طالبات کي درسِ نظامي (يعني عالم و عالمہ ڪورس) ڪرايو ويندو آهي ۽ ٻيا علومِ دينيہ سيکاريا ويندا آهن ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي: جنهن ۾ حفظ و ناظره قرآنِ ڪريم، درسِ نظامي (عالم ڪورس) ۽ ٻيا علومِ دينيہ آن لائن سيکاريا ويندا آهن ۞ هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع: هر خميس تي ملڪ ۽ پرڏيهہ جي مختلف شهرن ۾ هفتيوار اجتماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ تلاوت، نعت ۽ بيان سان گڏوگڏ آخر ۾ سکڻ سيکارڻ جا حلقا بہ لڳندا آهن، جن ۾ مختلف موضوعن تي علمِ دين سيکاريو ويندو آهي، هفتيوار اجتماع ۾ علمِ دين سکڻ ۽ ظاهري باطني اصلاح جو بهترين ذريعو آهي ۞ هفتيوار مدني مذاڪرو: شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي جي رات مدني چينل تي براءِ راست (Live) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن (يعني دنيا ڀر جي

عاشقانِ رسول جي سوالن جا جواب عطا فرمائيندا آهن)، اللہ پاڪ جي فضل سان مدني مذاڪرو شريعت و طريقت، ظاهري علم ۽ باطني علم سکڻ جو بهترين ذريعو آهي ۞ 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: درس. عاشقانِ رسول مسجدن ۾ درس ڏيندا آهن، ان سان بہ علمِ دين عام ٿيندو آهي، اهڙي طرح گهرن، بازارن، اسڪول، ڪاليج وغيره ۾ چوڪ درس بہ ٿيندو آهي، اهي ماڻهو جيڪي مسجد جي حاضري کان محروم رهندا آهن يا ڪنهن سبب جي ڪري مسجد ۾ درس ٻڌڻ کان محروم رهندا آهن، چوڪ درس جي برڪت سان انهن تائين بہ علمِ دين پهچندو آهي ۞ 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: تفسير ٻڌڻ، ٻڌائڻ جو حلقو، عاشقانِ رسول نمازِ فجر ڪانپوءِ مسجدن ۾ حلقو لڳائيندا آهن، ان ۾ تفسير صراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهڻ ٻڌڻ جي ترڪيب هوندي آهي، درس بہ ٿيندو آهي ۽ اوراد و وظائف بہ پڙهيا ويندا آهن ۞ قافلو: علمِ دين سکڻ، ٻين تائين پهچائڻ ۽ پنهنجي ۽ ٻين جي اصلاح جي ڪوشش جو بهترين ذريعو آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! دنيا ڀر ۾ لکين عاشقانِ رسول 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهينو ۽ 12 مهينن جي قافلن ۾ سفر ڪندا رهندا آهن، هي خوش نصيب خود بہ علمِ دين سکندا آهن ۽ ٻين تائين بہ پهچائيندا آهن ۞ هفتيوار رسالو مطالعو: شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي دنيا ڀر جي عاشقانِ رسول کي هڪ رسالو پڙهڻ جو هدف ڏيندا آهن. مختصر ۽ تمام معلوماتي رسالو هوندو آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! دنيا ڀر جا لکين عاشقانِ رسول هي رسالو پڙهڻ يا آڊيو (Audio) ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن ۞ اهڙي طرح دعوتِ اسلامي جو خاص علمي و تحقيقي شعبو آهي: المدينةُ العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر). هن شعبي ۾ مدني علماءِ ڪرام نئين نئين موضوعن تي ديني ڪتابَ ۽ رسالا لکندا آهن ۞ اهڙي طرح دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو آهي: دارُ السُّنَّہ: ملڪ ۽ پرڏيهہ جي مختلف شهرن ۾ هي شعبو قائم آهي، هن شعبي جي خاص ڳالهہ هي آهي تہ ان ۾ وقت جي ڪا قيد ناهي، جيڪو جيترو

وقت آساني سان ڏئي سگهي ٿو، دارُ السُّنَّة تي اچي ۽ علمِ دين سکڻ جي سعادت حاصل ڪري ۞ مدني چينل: هڪ برقي (Electric) مبلغ آهي، جيڪو الله پاڪ جي فضل سان گهر گهر پهچي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! مدني چينل تي ڪا مشهوري (Advertisement) ناهي ايندي، ساز جهنڪار ۽ ميوزڪ کان بلڪل پاڪ آهي، 24 ڪلاڪن ۾ جڏهن به توهان کي موقعو ملي، مدني چينل آن ڪيو ۽ علمِ دين جي موتين سان جهولي ڀرڻ شروع ڪري ڏيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه! مدني چينل دعوتِ اسلامي جو اهو ممتاز ۽ بي مثال ڪارنامو آهي، جنهن معاشري ۾ هزارين ماڻهن جي زندگين کي بدلائي ڇڏيو آهي، مدني چينل گهر ويٺي علمِ دين سيکاري ٿو ۽ گهرن کي امن جو گهوارو بڻائيندو آهي ۞ سوشل ميڊيا: ڪمپيوٽر جي هن دور ۾ ٽيڪنالاجي عروج تي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي به علمِ دين عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، فيس بڪ (Facebook)، انسٽا گرام (Instagram)، واٽس اپ (Whats App) ، ٽوئيٽر (Twitter) ۽ يوٽيوب (Youtube) وغيره تي دعوتِ اسلامي جا مختلف پيجز (Pages) ٺهيل آهن، ويب سائيٽس (Websites)به آهن، جن جي ذريعي قرآن و سنت جو پيغام عام ڪيو پيو وڃي، دعوتِ اسلامي جو I.T ڊپارٽمينٽ مختلف ايپلي ڪيشنز ٺاهي ٿو، مثلاً تفسير صراط الجنان موبائل ايپلي ڪيشن: هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي قرآن پاڪ ترجمي و تفسير سان گڏ پڙهي نورِ قرآن سان سينو روشن ڪري سگهون ٿا، اهڙي طرح بهارِ شريعت موبائل ايپلي ڪيشن: جنهن جي ذريعي ديني مسائل پڙهي ۽ سکي سگهجن ٿا، اهڙيون ئي ڪيترين ئي ايپلي ڪيشنز آهن.

الله کی نعمت ہے یہ دعوتِ اسلامی
آقا کی عنایت ہے یہ دعوتِ اسلامی

اسلام کی تعلیمات اور دین کے احکامات
سِکھلاتی شریعت ہے یہ دعوتِ اسلامی

سرکار کی دُکھیاری اُمّت کی ہے خیر اَندیش
اور خادمِ مِلّت ہے یہ دعوتِ اسلامی (1)

1... وسائلِ فردوس، صفحہ:44-46 ملتقطًا۔

اچو! اسان سڀ گڏجي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي هن عظيم ڪم ۾ دعوتِ اسلامي سان گڏجي الله ۽ رسول کي خوش ڪري جنت جا حقدار بڻجون.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں | اے دعوتِ اسلامی! تری دھوم مچی ہو (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**بيان ڪي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:**

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو** :نمازِ جنازه ۾ سلام ڦيرڻ ۽ هٿ ڇڏڻ جو درست طريقو

**وضاحت:** ڪجهه ماڻهو نمازِ جنازه جي چوٿين تڪبير ڪانپوءِ هن ڪشمڪش ۾ هوندا آهن ته هٿ ڇڏي سلام ڦيرن يا هٿ ٻڌي. اسان وٽ! ڪجهه ماڻهو هٿ ٻڌي سلام ڦيرِيندا آهن ۽ ڪجهه هٿ ڇڏي سلام ڦيريندا آهن ۽ ڪجهه ساڄي پاسي جڏهن سلام ڦيريندا آهن ته ساڄو هٿ ڇڏي ڏين ٿا ۽ جڏهن کاٻي پاسي سلام ڦيريندا آهن ته کاٻو هٿ ڇڏي ڏيندا آهن درست طريقو ٻڌي وٺو، جڏهن امام چوٿين تڪبير (يعني الله اڪبر) چوي ته اوهان بہ تڪبير چوندي ٻنهي هٿن کي کولي لٽڪائي ڇڏيو ۽ امام صاحب سان گڏ سلام ڦيري ڇڏيو. ۽ هي اصول ياد رکو: جنهن تڪبير ڪانپوءِ ذڪر ڪرڻ سنت هجي ان تڪبير ڪانپوءِ هٿ ٻڌنداسين جيئن نماز جي تڪبير چوندا آهيون ان کان پوءِ ثنا پڙهندا آهيون ۽ نمازِ عشا جي 3 وترن ۾ تڪبير ڪانپوءِ دعاءِ قنوت پڙهندا آهيون ۽ جنهن ۾ تڪبير ڪانپوءِ ذڪر ڪرڻ سنت نہ هجي ان ۾ هٿ ڪليل ڇڏي ڏينداسين جيئن عيد جي تڪبيرات. (2) صدر الشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ کان سوال ٿيو ته نمازِ جنازه ۾ هٿ کولي

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:315۔

2...دار الافتاء اہلسنت غير مطبوعہ،فتویٰ نمبر: Fsd-8583۔

سلام ڦيرڻ گهرجي يا ٻڌي يا ٻنهي طرح جائز آهي؟ ته پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِ فرمايو: هٿ کولي سلام ڦيرڻ گهرجي. هي خيال ته تڪبيرات ۾ هٿ ٻڌل رهڻ مسنون آهي، تنهنڪري سلام جي وقت به هٿ ٻڌل رهڻ گهرجن هي خيال غلط آهي. [1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسماء الحسنیٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَا وَكِيۡلُ

جيڪو به روزانو 7 دفعا عصر جي وقت يَا وَكِيۡلُ پڙهي اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! آفت کان پناهه ماڻيندو. [2] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...فتاویٰ امجديہ، جلد:1، صفحہ:317۔

[2]...مدنی پنج سوره، صفحہ:253۔